# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1974
# اولهه پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTIONS (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي ڊگهي عنوان ۽ تمهيد جي ترميم
Amendment of long title and preamble of West Pakistan Ordinance XI of 1960

3. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 1 جي ترميم
Amendment of Section 1 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

4. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعات 4 ۽ 5 جي ترميم
Amendment of Sections 4 and 5 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

5. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 9 جي تبديلي
Substitution of Section 9 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

6. 1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعه 10 جي تبديلي
Substitution of Section 10 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

7. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 11 جي ترميم
Amendment of Section 11 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

8. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of Section 17 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1974
# اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN GOVERNMENT EDUCATIONAL AND TRAINING INSTITUTIONS (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[17 آگسٽ 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس،

| | |
|---|---|
| 1974 سڏيو ويندو.<br>(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | Short title and commencement |
| 2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان سرڪاري تعليمي ۽ تربيتي ادارا آرڊيننس، 1960 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي ڊگهي عنوان ۽ تمهيد ۾، لفظ "حڪومت" کي ختم ڪيو ويندو. | 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي ڊگهي عنوان ۽ تمهيد جي ترميم<br>Amendment of long title and preamble of West Pakistan Ordinance XI of 1960 |
| 3.مک آرڊينس جي دفعہ 1 ۾:<br>(a)ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "حڪومت" کي ختم ڪيو ويندو؛<br>(b)ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ذيلي دفعہ متبادل ٿيندي:<br>"(2) اهو اهڙن ادارن تي ۽ اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندو، جيئن بعد ۾ تاريخ بيان ڪئي وئي هجي، جيئن حڪومت طرفان نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو هجي.". | 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 1 جي ترميم<br>Amendment of section 1 of West Pakistan Ordinance XI of 1960 |
| 4.مک آرڊيننس جي دفعہ 4 ۽ 5 ۾، لفظ "گورنر" لاءِ لفظ "حڪومت" متبادل ٿيندو. | 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعات 4 ۽ 5 جي ترميم |

Amendment of sections 4 and 5 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 9 جي تبديلي

Substitution of section 9 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

5.مک آرڊيننس جي دفعہ 9 لاءِ هيٺين دفعہ متبادل ٿيندي، يعني:

"9.ڪنهن اداري (عملي جي حوالي سان عارضي گنجائشون) ۾ خدمت سرانجام ڏيندڙ هر ماڻهو، جيستائين حڪومت عوامي مفاد ۾ هدايت نہ ڪري، بورڊ جو ملازم ٿي ويندو ۽ ڄاڻايل تاريخ کان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، جيڪي ڪيس ڄاڻايل تاريخ کان اڳ ملندڙ فائدي کان گهٽ فائديمند نہ هونديون.

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 10 جي تبديلي

Substitution of section 10 of West Pakistan Ordinance XI of 1960

6.مک آرڊيننس جي دفعہ 10 لاءِ هيٺين دفعہ متبادل ٿيندي، يعني:

ملڪيت. 10.(1) سموري ملڪيت، متحرڪ يا غير متحرڪ جيڪا ڄاڻايل تاريخ کان فوري اڳ اداري سان جڙيل هجي، اها بورڊ ۾ شامل ٿي ويندي.

(2)جيڪڏهن حڪومت دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (2) تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن کي منسوخ ڪري ٿي تہ بورڊ ۾ شامل ملڪيت، جيستائين حڪومت عوامي مفاد وٽان ٻي

| | |
|---|---|
| ڪا هدايت نہ ڪري حڪومت کي منتقل ٿي ويندي يا جيئن معاملو هجي، اداري کي منتقل ٿي ويندي.". | |
| 7.مک آرڊيننس جي دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ شق (e) جي آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي، يعني: "(f) جاڻايل تاريخ کان فوري اڳ اداري طرفان رکيل يا اداري جي نالي تي رکيل فنڊس.". | 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 11 جي ترميم Amendment of section 11 of West Pakistan Ordinance XI of 1960 |
| 8.مک آرڊيننس ۾ دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (a) ۾ لفظن "سرڪاري ملازم" لاءِ لفظ "اداري ۾ خدمت سرانجام ڏيندڙ ماڻهو" متبادل ٿيندا. | 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XI جي دفعہ 17 جي ترميم Amendment of section 17 of West Pakistan Ordinance XI of 1960 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**